انور پرديسي

# رابندر ناٿ ٽئگور ۽ تنوير عباسي

**Abstract:**

**Rabendarnath Tagor and Tanveer Abbasi**

*Rabendarnath Tagor (1861-1941) was born in kalkota (Calcutta). He was a poet, story-writer, dramatist, musician, educationist and thinker of Bengali language. He went to London for his higher education but came back due to personal reasons.*

*He is the author of more than fifty books in prose and poetry. His poetry is musical with humanity and affection. For his satisfaction, he set up an institution called SHANTI NAKETAN in which he taught music, philosophy, mysticism and other things in order to provide peace to the worried souls.*

*There are some similarities between Rabendarnath and Tanveer Abbasi as they belonged to feudal families, however, they both were simple and humble humans who tried to eradicate the pains and pangs of life.*

*This brief study will provide an opportunity to understand the philosophy of both these Asian writers. They were trend setters which helped many writers, poets and philosophers and their influence continues till date.*

**رابندرناٿ** ٽئگور (١٨٦١ع-١٩٤١ع) ڪلڪتي ۾ پيدا ٿيو. هو بنگالي ٻوليءَ جو برک شاعر، ڪهاڻيڪار، ڊرامه نگار، موسيقار، ڏاهو ۽ تعليمدان هو. ابتدائي تعليم کان پوءِ ٽئگور اعليٰ تعليم لاءِ لنڊن هليو ويو، پر ڪن اڻ ٽڻ مجبورين سبب، هو پنهنجي اها تعليم پوري نه ڪري سگهيو. سندس پنجاهه کان مٿي نثر توڙي نظم ۾ ڪتاب لکيل آهن. سندس نظم موسيقيءَ جي آهنگ سان آشڪار آهن. سندس سوين گيت اهڙا آهن، جن ۾ انسانيت جو درد سمايل آهي. هڪ وڏي سَنتَ جي حيثيت هوندي به هو انهن ٽڪساٽن مان پري رهيو. من کي شانتي وٺرائڻ لاءِ هن شانتي نڪيتن جهڙو وڏو علمي، ادبي ۽ فني ادارو قائم ڪيو. جنهن ۾ تعليم ۽ تدريس، فلسفي، ڏاهپ ۽ تصوف سان گڏو گڏ علم موسيقيءَ جي تعليم ۽ سکيا ڏني ويندي هئي، ته جئين





مُنجهيل منن کي قرار اچي. سندس سوانح بابت، ڊاڪٽر گل بليدي لکي ٿو ته: ”ٽئگور ١٨٦١ع ۾ ڄائو. سترنهن سالن جي عمر ۾ رسمي تعليم لاءِ انگليند ويو پر اتي پنهنجي پڙهائي پوري نه ڪري سگهيو، گانڌي سندس گهرو دوست هو. ١٩١٥ع ۾ ڪيس برطانيه سرڪاري خطاب سان نوازيو پر ڪجهه سالن جي اندر ئي برطانيه جي هندستان خلاف پاليسين سبب اهو واپس ڪري ڇڏيائين. ٥٠ کان مٿي شاعري (نظم، نثري نظم) جا ڪتاب لکيائين، ان سان گڏ ميوزڪ ڊراما، ڊانس ڊراما هر قسم جا مضمون، سفر جون ڊائريون ۽ به سوانح عمريون، هڪ وچين عمر ۾ ۽ ٻي ١٩٤١ع ۾ موت کان ٿورو اڳ لکيائين ۽ گهڻيون ئي ڊرائنگس ۽ پينٽنگس ٺاهيائين. گيت پڻ لکيائين، جن جي موسيقي به پاڻ ڏنائين.“(١)

ٽئگور جي شاعريءَ ۾ انسان ذات لاءِ بيحد پيار آهي، هو زندگيءَ کي اجايو ٻين وانگر بار نه ٿو سمجهي، بلڪ زندگيءَ کي بهتر ڍنگ سان جيئڻ جا گس ٻڌائي ٿو ، زندگيءَ سان پيار ڪرڻ سيکاري ٿو. زندگي ٻين لاءِ وقف ڪرڻ ئي اصل زندگي آهي. سندس روح پرور شاعريءَ جا حَسين موضوع زندگيءَ جي مدار جي چوڌاري ڦِرن ٿا. جيتوڻيڪ پاڻ هڪ زميندار گهراڻي سان تعلق رکندو هئو، سندس زندگي خوشحاليءَ سان گذري پئي سگهي، پر جيڪو سڪون ٻين کي سڪون پهچائڻ کان پوءِ محسوس ٿئي ٿو، ان جو ڪو مول ئي ناهي. رابندر ناٿ ٽئگور پاڻ کي دنيا جي آسائشن کان تمام گهڻو پري رکيو. سندس ذات منجهان به اهڙيون شاهديون ملن ٿيون.

”منهنجي گيت هن جي هار سينگار کي ختم ڪري ڇڏيو آهي.
هن کي هاڻي ويس وڳن ۽ ناهه نوهه جو ڦوند ڪونهي.
ڳهه ڳٺا اسان جي گڏجاڻيءَ ۾ رنڊڪ بڻبا،
اهي تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ جو اچي پوندا،
انهن جي ڇَڻ ڇَڻ تنهنجي سُس پُس کي ٻوڙي ڇڏيندي.
منهنجي شاعراڻي ڦوند، تنهنجي نگاهه سامهون شرم وچان ٻُڏي وڃي ٿي.
اي اَڪابر شاعر مان تنهنجي قدمن ۾ هيٺ ويهي رهيو آهيان.
بس مونکي پنهنجي زندگيءَ کي سادو سودو ۽ سچو بنائڻ جي سگهه ڏي،
بانس جي ان بانسريءَ وانگر جنهن ۾ تون پنهنجو سنگيت پرين ٿو.“(٢)

رسول بخش پليجو لکي ٿو ته: ”شاعريءَ جو تعلق انسان ذات جي خوبصورت



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ترين خيالن سان آهي. حُسن سان آهي، ذهن سان آهي، نفاست سان آهي، اعليٰ ترين سوچن سان آهي، بلندين سان آهي. جنهن قوم وٽ سهڻو شعر ناهي، پوءِ ڀلي انهن وٽ لکين هيرا هجن،جواهر هجن، ملڪيتون هجن، پر جي انهن جي سوچ گندي، معمولي، ڪسي، ردي، رواجي ۽ بازاري آهي ته پوءِ اها قوم سُڃي ۽ ڪنگال قوم هوندي.“(۳)

جيڪڏهن غور سان تاريخ جي ورقن کي اٿلائبو ته سنڌي قوم شاعريءَ واري شعبي ۾ تمام گهڻي شاهوڪار آهي، اسان وٽ هن فن جا پيرا هزارين سال اڳ جي تاريخ ۾ ملن ٿا. لطيف جذبن سان هن قوم جون ڀٽيهه دليون آهن. انهن جذبن جي ڪري اسان جي سڃاڻپ دنيا جي هڪ ڪنڊ کان ٻئي ڪنڊ تائين آهي. اسان جو، دنيا جي، هر ان انسان سان ناتو آهي، جيڪو انسانيت جي ڀلائي خاطر، پنهنجي زندگي وقف ڪري ٿو. سنڌي دنيا جي اها واحد قوم آهي، جنهن عالم انسانيت جي خير جي دعا گهري آهي. لطيف کان اڳ ۽ لطيف کان پوءِ جي شاعرن جي لڙهيءَ ۾ انسانيت سان پيار ڪندڙ ڪيترن ئي شاعرن سنڌ ڌرتي تي جنم ورتو. جن پنهنجي ماتر ڀومي سان ته پيار جو لازوال اظهار ڪيو آهي، پر وٽن عالم انسان سان به اوترو ئي پيار موجود آهي.

انهن منجهان تنوير عباسي به هڪ شاعر آهي. سندس شاعريءَ جا ڪيترائي پهلو ۽ لاڙا آهن. هو دنيا جي ڪيترن شاعرن کان متاثر به آهي. انهن شاعرن جي نه شاعريءَ جو نه فقط اڀياس ڪيو اٿس، پر سندن بهترين تخليقن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو به ڪيو اٿس. ان مان ثابت ٿئي ٿو، ته اسان جو ناتو هر ان شاعر سان به آهي، جنهن وٽ غمِ جانان سان گڏ غمِ دوران جو به درد موجود آهي.جيئن ٽئگور پنهنجي هڪڙي نظم ۾ لکي ٿو ته:

”هن ننڍڙي گل کي چني ڪٽي وٺ، ويرم نه وجهه !
انديشو اٿم ته متان اهو ڪومائجي ۽ ڪِري، مٽيءَ ۾ نه ملي وڃي.
ان کي تنهنجي هار ۾ پوئجڻ جي جاءِ به نه ملي سگهي ٿي،
پر پنهنجي هٿ سان ان کي درد جي گهاءُ جو شرف بخش
۽ ان کي پٽي وٺ،
انديشو اٿم متان مون کي پتڻ کان اڳ ئي،
ڏينهن پورو ٿي وڃي،
۽ پوڄا جي ويل وهامي وڃي.





جيتوڻيڪ ان جو رنگ گهرو ڇٽو ڪونهي،
۽ ان جي خوشبوءِ به جهڪي آهي،
پر پنهنجي خدمت لاءِ ان کي ڪتب آڻ،
۽ ان کي پٽي وٺڻ جو اجان وقت آهي.“(۴)

مٿين شعر ۾ ٽئگور، جوانيءَ کي گل سان تشبيهه ڏيئي، سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، ته هي جواني به گل مثل آهي. هن عمر ۾ جيڪي عبادتون ڪرڻيون اٿو ڪري وٺو، جواني گذرڻ کان پوءِ متان اوهان کي، اهو موقعو نه ملي. جوانيءَ جي عبادت، هزار عبادتن کان افضل آهي. اهڙي نموني، سماج کي به صحيح رخ تي هلائڻ لاءِ جوش ۽ جذبو گهربل هوندو آهي. ڇاڪاڻ جو جواني خود جوش ۽ جذبي جو نالو آهي. انسان جڏهن پنهنجيون صلاحيتون، پنهنجا فڪر، پنهنجو علم ۽ سچي سگهه، يڪجا ڪري، جڏهن قومن جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ڪم ڪري ٿو، ته دنيا انهن کي هميشه ياد رکندي آهي. گل کي اسان ڪيترن ئي علامتن ۾ استعمال ڪري سگهون ٿا. ڳاڙهو گل شهيد جي نشاني به آهي، ته سورهيائيءَ جي علامت به ۽ جوش ۽ جذبي سان قومن ۾ نوان لاڙا متعارف ڪرائڻ واري اڳواڻ جو به اهڃاڻ آهي. مٿين نظم ۾ به ٽئگور، اسان کي علامتن ۽ اشارن ۾ قومي جذبو جاڳائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. تنوير عباسيءَ تي نندي ڪنڊ جي نوبل انعام يافته شاعر رابندر ناٿ ٽئگور جو فڪري اثر نمايان طور تي نظر اچي ٿو. مظلوم سان جتي به ظلم ٿئي ٿو، اتي سچاڻ شاعر، ان جو آواز بڻجي، اُتي پون ٿا. پورهيت طبقي سان، دنيا جي ڪنهن به ڪُنڊ ۾ پرماريت ٿئي ٿي ته دانهن سنڌ مان ٻُري ٿي.ٽئگور وانگر تنوير عباسي به ساڳي گل جو مثال هيٺين نظم ۾ ڪجهه هن ريت بيان ڪيو آهي:

”هڪڙو سهڻو گل گلابي،
پٽي، نپوڙي، ڇيپاٽي ۽ ڇيتاڙي،
اڇليو ويو آ مٽيءَ ۾ ،
اڳ به هئي خوشبو ان ۾ پر،
ڇيپاٽڻ ۽ نپوڙجڻ کان پوءِ،
هٻڪارن جون هيرون آيون،
خوشبو جا اوٻارا آيا

جيڪي ڏرتيءَ جي گولي کي
ويڙهي ويا.
گل تہ مٽيءَ منجهہ ملي ويو،
ليڪن ان جو واس،
ابد تائين پيو لهرائيندو.“(٥)

سماج سڌارڪ ۽ محبِ وطن انقلابي، پنهنجي پر ۾، فقيري طبعيت جا مالڪ هوندا آهن. هنن کي ڪنهن بہ ناهہ نُوهہ سان ڪو، غرض ناهي هوندو. هو صرف پنهنجي ڌرتيءَ ۽ سماج لاءِ سکن جو سامان مهيا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هوندا آهن. هي اهي عاشق آهن، جيڪي لکن انسانن سان عشق ڪندا آهن. ڪنهن سان بہ حساب ڪتاب ناهن ڪندا، جيتوڻيڪ انهن کي انصاف ٿيندي نظر بہ ناهي ايندو، تڏهن بہ انهن لاءِ عشق جو سودو دنيا جو خوبصورت سودو هوندو آهي.رسول بخش پليجو لکي ٿو تہ: ”تنهن ڪري واپار، ڪاروبار، فائدي، نفعي، حساب ڪتاب جو ڏنڌو ڪري پوءِ ماڻهو انقلابي ڪارڪن ٿيو، اها ڳالهہ مناسب ناهي. انقلابي ڪارڪن جو پنهنجي پارٽي، پنهنجي عوام سان ڪو بہ حساب ڪتاب ائين فضول آهي، جيئن عاشق پنهنجي محبوب سان حساب ڪري تہ هيترو مون توتي خرچ ڪري ڇڏيو، اهو ڀري ڏي. خرچ ڀرائي ڪو نہ ونبو آهي، عشق جي ڪابہ حد مقرر ناهي.“(٦)

اها حقيقت آهي، تہ عاشق حساب ڪتاب ڪرڻ سکيو ئي ناهي، هو تہ حڪم جي بجا آوري ڪندو آهي. سماج جو درد رکندڙ ۽ سماج ۾ نوان لاڙا متعارف ڪرائيندڙ تہ ڌرتيءَ جو پورهيت هوندو آهي. ان پورهيت سان گڏو گڏ انقلابي ڪارڪن وٺ هڪ عالم، مدبر ۽ اڪابر جهڙيون خوبيون هجڻ گهرجن. جيڪڏهن ڪٿي تاريخي ۽ علمي ڳالهہ نڪري تہ، اتي علم جا اَٿاهہ سمنڊ بڻجي پون. مٿين نظمن ۾ ٽئگور توڙي تنوير عباسي اهڙي ئي سياسي ۽ سماجي مدبر ڪي گل جي علامتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. گل پلي ڪومائجي وڃي، سُڪي ڇڻي وڃي، پر سندس گهڙي ڪن جي ڏنل خوشبو تا حياتي ياد رهندي آهي. ايئن ئي سچا انقلابي اڳواڻ هوندا آهن، جيڪي سماج لاءِ دردن جا درياهہ اڪرندا آهن، پر عيوضي ۾ پنهنجي سماج کان ڪجهہ بہ گهرندا ناهن. توڙي جو هو مٽيءَ جي مٽن هيٺان سُتل هجن، تنهن هوندي بہ سندن، متعارف ڪيل لاڙا، قومن جي ڏکي عرصي تائين رهنمائي ڪندا رهندا آهن. سوڀو گيانچنداڻي لکي ٿو





تہ: ”جيڪڏهن ادب جي ميدان ۾ ڏسجي تہ تمام ٿورڙا ماڻهو آهن، جن جي شاعريءَ ۾ ايڏي وسعت هجي. هي جيڪا وسيع ڪائنات آهي ۽ ان ۾ جيڪي ستارا آهن، ڪهڪشائون آهن، اهي ڪيئن ٽڪرائجن ٿيون ۽ ڪيئن Explosions ٿين ٿا، ان کي گرو ديو پنهنجي هڪ نظم ۾ ڏاڍو خوبصورت نموني پيش ڪيو آهي ۽ دعائن کان وٺي ويندي انقلابي گيتن تائين ۽ فطري طاقتن جي واڪاڻ تائين سندس شاعري پکڙيل آهي.“(٧)

تنوير عباسي ۽ رابندرناٿ ٽئگور ۾، علمي هڪجهڙائين سان گڏ، ڪي ٻيون بہ هڪجهڙائيون آهن. مثال طور ٻئي زميندار گهراڻي سان تعلق رکندا هئا. سندن گهراڻا پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ وڏي حيثيت رکندڙ هئا. پر ٻنهي شخصن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا وڏائي ڪانہ هئي. ٻئي انسانيت جي اهنجن کي دور ڪرڻ لاءِ سڄي حياتي پتوڙيندا رهيا آهن. هڪڙي شانتي نڪيتن جهڙو شاندار ادارو قائم ڪيو، جتي علم سان گڏو گڏ، ادب، فن موسيقي، مصوري، ناٽڪ منڊلين ذريعي انسانيت جي پيغام کي عام ڪيو ويو. جڏهن تہ خيرپور ۾ تنوير عباسيءَ جو ’سرمد جو گهر‘ بہ سڄي سنڌ جي علم ۽ ادب سان واسطو رکندڙ ماڻهن جو علمي مرڪز رهيو آهي. هتي ناليوارا ننڍا توڙي وڏا اديب، شاعر، دانشور ۽ سياستدان بہ ايندا رهيا آهن. جن ۾ جي ايم سيد، رسول بخش پليجو، شيخ اياز، رشيد ڀٽي، ابراهيم جويو، فتاح ملڪ، ملڪ نديم، شمشير الحيدري ۽ ٻيا شامل آهن. سچل سرمست جي فڪر کي دنيا تائين پهچائڻ ۽ اديبن کي تحقيق جو ميدان ۽ شاعرن کي پنهنجي تخليقن پيش ڪرڻ لاءِ ١٩٨٠ع کان وٺي، حياتيءَ جي آخري ڏينهن تائين باقاعدگي سان سچل ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعرو منعقد ڪرائيندو رهيو. ان لاءِ سچل سرمست يادگار ڪميٽيءَ قائم ڪيائين. ان کان سواءِ سچل اڪيڊمي ۽ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ سچل چيئر قائم ڪرائڻ ۾ سندس اهم ڪردار آهي ۽ پاڻ ان اداري جو پهريون ڊائريڪٽر بہ مقرر ٿيو.

هر شاعر، هر ڏاهي ۽ هڏڏوڪي کي پنهنجي ڌرتيءَ سان بي انتها محبت هوندي آهي. پر ان سان گڏو گڏ انهن عظيم هستين کي انهن مظلومن سان بہ اوترو ئي پيار هوندو آهي، جن تي دنيا جي ڪنهن بہ ڪُنڊ ۾ ظلم ٿيندو هجي.فلسفي، تخليقڪار، فنڪار جو ڪو بہ مذهب ناهي هوندو. هو، هر مذهب جي مظلوم انسان سان گڏ هوندا آهن. جئين ڪنهن گل جي خوشبوءَ جو ڪنهن بہ مذهبي ڌُر سان ڪو واسطو ناهي

هوندو، جيئن سھڻي مرڪ جو، جيئن پرھ ڦُٽيءَ جو، جيئن پکين جي لاتين جو، جيئن سمنڊ جي ڇولين جو، چنڊ جي چانڊاڻ جو، ستارن جي مڌم روشنيءَ جو، سج جي ڪرڻن جو، وغيره. اهي سڀ شيون لا مذهب آهن. انهن سيني جو، جيڪڏهن ڪو مذهب آهي، ته اهو آفاقي آهي. ٽئگور ۽ تنوير عباسي به آفاقي انسان هئا. هنن پنهنجي تخليقن ۾ به، اهڙي ئي سچ ۽ سونهن جي اپٽار ڪئي آهي. رابندر ناٿ ٽئگور جي اهڙين خوبين لاءِ قادر جوڻيجو لکي ٿو ته: ”ٽئين ٽئگور جو فڪر ۽ فلسفو به پنهنجي ڌرتيءَ جي ناتي، سندس سوچ ۽ لوچ جي دنيا به، دنيا جي هر مظلوم ڌتڙيل محڪوم ۽ غلام انسان لاءِ آهي. سندس فڪر مذهب کان مٿانهون آهي، جيئن معصوم ٻار جي مرڪ جو ڪو مذهب ناهي، جيئن ڪنهن گل جي خوشبوءِ جو ڪو مذهب ناهي، جيئن ڪنهن مکڙي يا ڪنڊي مٿان پيل ماڪ ڦڙي جو ڪو مذهب ناهي ٿيندو، تيئن هر عظيم ۽ مهان ڪلاڪار فلسفيءَ انسان به هر مذهب کان مٿي هوندو آهي ۽ هر عظيم ڪلاڪار ۽ ڪلا جو به ڪو خاص مذهب ناهي ٿيندو ۽ نه ئي اها ڪنهن مخصوص مذهب واري ماڻهوءَ جي جاگير يا ملڪيت هوندي آهي. هر تخليقڪار به، وقت، وقت جو خالق هوندو آهي، ۽ پنهنجي تخليق سان انصاف ڪرڻ چاهيندو آهي. هر ڪلاڪار پنهنجي ڪلا جي چنڊ جهڙي چهري تان مذهب ۽ دين ڌرم جي بنياد تي، تعصب ۽ نفرت جو لڳل دوڙ، زنگ ۽ ڪٽ کي پيار ۽ محبت جي زم زم(پاڻيءَ) سان ڌوئي پاڪ ڪرڻ چاهيندو آهي، جو ته هڪ تخليقڪار جو هڪ انسان جي حيثيت سان عام انسان سان ئي واسطو هوندو آهي.“(٨)

رابندر ناٿ ٽئگور، سنسار جي سونهن ۾ پنهنجي وجود کي ڳولهي ٿو. هو پن پن ۾، وڻ وڻ ۾، گل گل ۾، بلڪ هر ان شيءِ ۾ ان حقيقي وجود جي ڳولها ڪري ٿو. جنهن هن سنسار کي ايڏو خوبصورت بڻايو آهي. جنهن ۾ روشنيءَ جي ذريعي، زندگيءَ جي گل کي بقا بخشي آهي. اها ئي زندگي مختلف روپ ڌاري، شاعر جي احساسن، جذبن سان راند ڪيڏي ٿي ۽ هن جي خوشيءَ جو سبب بڻجي ٿي. شاعر ان روشنيءَ ذريعي پنهنجي روح ۾ رکيل انهن احساسن جي اُپٽار ڪري ٿو. جنهن ۾ ڪنهن به قسم جو مذهبي عنصر نظر نه ٿو اچي. صرف پيار ئي پيار جا اولڙا آهن، پوپٽ جي رنگن وانگر روشنيءَ جي ڪرڻن سان ٽڪرائجي سونهري ٿي پون ٿا. انهن خيالن جو اظهار ٽئگور هينئين ريت ڪري ٿو:





”روشني منهنجي روشني،
ڪائنات کي منور ڪرڻ واري روشني،
نيڻن کي چُمي وٺڻ واري روشني،
دل ۾ ميناج وجهڻ واري روشني،
منهنجي جيون جي مرڪز تي رقص ڪري رهي آهي.
منهنجي محبوبا روشني،
منهنجي سازِ محبت جي تارن کي ڇيڙي ٿي،
آسمان صاف ٿي وڃي ٿو، هوا بي اختيار گهلڻ لڳي ٿي،
۽ کِل ۽ ٽهڪ ڌرتيءَ تي وچائجي وڃن ٿا.
پوپٽ پنهنجي پرن جا سڙهه،
روشنيءَ جي سمنڊ تي پکيڙي ڇڏين ٿا.
چمپا ۽ چمبيليءَ گل ،
روشنيءَ جي ڇولين تي اُڀري نروار ٿين ٿا.
منهنجي محبوبا روشني هر بادل تي سون بڻجي وکري ٿي،
۽ ڪثرت سان سون جواهر ڇٽي ٿي.
کل خوشي هڪ ٿي پن کان ٻئي پن تائين پکڙجي وڃي ٿي،
۽ اڻ مئي سرهائي پڻ.
آسماني نديءَ پنهنجا ئي ڪنارا ٻوڙي ڇڏيا آهن،
۽ خوشيءَ جي ٻوڏ هر پاسي پکڙجي وئي آهي.“(٩)

ساڳيءَ محبت ۽ پيار واري پيچري جو، تنوير عباسي هينئين ريت اظهار ڪيو آهي:

”رستي ويندي،
ڏسبا آهن،
ڪي ئي گل گلابي.
ٿورو ترسي،
تن ڏي نهاري،
اکيون ناري،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تن جي سڳنڌ سان،
من کي اجاري،
اڳتي وڌندو ويندو آهيان.
رستي ويندي،
ٻڌڻ ۾ اينديون آهن،
ڪيتريون ئي پکين جون لاتيون
برهه جون ٻاتيون،
ٿورو ترسي،
تن کي ٻڌندي،
جهومندي لڏندي،
اڳتي وڌندو ويندو آهيان.
رستي ويندي،
ڏسڻ ۾ ايندو آهي،
پورنما جو چنڊ،
هٽڊو آهي منڊ،
ان تي هرکي،
ٿورو ترسي،
ان کي ڏسندي،
اڳتي وڌندو ويندو آهيان.
تان جو اتي مان رسندو آهيان،
جتي تون آهين،
گل گلابيءَ کان به وڌ،
پکين جي لاتين کان به مٺي،
چوڏهين چنڊ کان پيي وڌ روشن.”(١٠)

ٽئگور ۽ تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ جو هي مختصر تحقيقي اڀياس، ٻنهي شاعرن جي فڪر ۽ فلسفي کي سمجهڻ ۽ پرجهڻ ۾ رهنمائيءَ وارو ڪردار ادا ڪري ٿو. تحقيق جي ميدان ۾ نوان رخ ۽ لاڙا متعارف ڪرائي ٿو. ٻنهيءَ عظيم شاعرن، پنهنجي





تخليقن ذريعي، جيڪي راهون هموار ڪيون آهن. اهي صدين تائين، پنهنجن پنهنجن سماجن سان گڏ عالم انسانيت جي به رهنمائي ڪنديون رهنديون.

## حوالا


١. ٽئگور، رابندر ناٿ، سنڌيڪار: بليدي، گل، ڊاڪٽر، ’گيتا نجلي‘، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، .٢٠٠٧ع، ص: ٦.

٢. ساڳيو، ص:٣٩.

٣. پليجو، رسول بخش، ’تنين ماڻڪ ميڙيا‘، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، ٢٠١٥ع، ص:٣٠٥.

٤. ٽئگور، رابندر ناٿ، سنڌيڪار: بليدي، گل، ڊاڪٽر، ’گيتا نجلي‘، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، .٢٠٠٧ع، ٣٨٧.

٥. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر. ’هي ڌرتي‘ حيدرآباد: سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت. ١٩٨٥ع، ص: ٤٣ .

٦. پليجو، رسول بخش. ’تنين ماڻڪ ميڙيا‘ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. ٢٠١٥ع، ص: ١٨٣.

٧. سوڀو گيانچنداڻي، مضمون:’هڪ محبوب استاد ۽ درسگاهه جو ساروڻيون‘، ’گيتانجلي‘ سنڌيڪار: بليدي، گل، ڊاڪٽر، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، ٢٠٠٧ع، ص: ٢٥.

٨. جوڻيجو، قادر، جونيئر، ’بنگال جو لطيف رابندر ناٿ ٽئگور‘، ڄامشورو: اجرڪ اشاعت گهر، ڪمرو ١٦، سي بلاڪ علامه دائود پوٽو هاسٽل، سنڌ يونيورسٽي، ١٩٨٣ع، ص: ١٤، ١٣.

٩ ٽئگور، رابندر ناٿ، سنڌيڪار: بليدي، گل، ڊاڪٽر، ’گيتانجلي‘ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، ٢٠٠٧ع، ص: ٥٧.

١٠. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر، ’ساجن سونهن سُرت‘، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، .١٩٩٦ع، ص:٨٢، ٨١.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair